SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2012

SINDH ACT NO.IV OF 2012

سنڌ موشن پڪچرز ايڪٽ، 2011

THE SINDH MOTION PICTURES ACT, 2011

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، عملدرآمد ۽ شروعات

Short title, application and commencement

باب_I

شروعاتي

Chapter_I

Preliminary

2. وصفون

Definitions

باب_II

بورڊ جو قيام

Chapter_II

Establishment of the Board

3. بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

4. غير تصديق ٿيل فلمن جي نمائش ڪئي ويندي

Uncertified films to be exhibited

5. فلمن جي تصديق
Certification of films
6. فلمن جي تصديق لاءِ رهنمائي جا اصول
Principles of guidance in certifying films
7. اپيلون
Appeals
8. ڪجھ ڪيسن ۾ فلمن جي نمائش ملتوي ڪرڻ جو اختيار
Power to suspend exhibition of films in certain cases
9. حڪومت جا نظرثاني جا اختيار
Revisional powers of Government
10. تصديق ٿيل فلمن جي سلسلي ۾ ڊسٽريبيوٽرز ۽ نمائش ڪندڙن کي معلومات ۽ دستاويز ڏنا ويندا
Information and documents to be given to distributors and exhibitors with respect to certified films
11. فلمن جي جاچ پڙتال لاءِ سڏيءَ ريت نمائش جا اختيار
Powers to direct exhibition of films for examination
12. آسامیون وغیرہ، ڪارروائين کي غير موثر نہ ڪندیون
Vacancies etc., not to invalidate proceedings
باب _III
سينيماٽوگراف جي مقصد لاءِ نمائش جو ضابطو
Chapter_III
Regulation of exhibition by means to cinematograph
13. فلمن جي نمائش لاءِ جڳهن کي لائسنس ڏيڻ
Licensing of places for exhibition of films
14. ڊاڪومينٽريز وغيره جي اسڪريننگ لاءِ هدايتون

Directions as to screening of documentaries, etc

باب_IV

متفرقات

Chapter_IV

Miscellaneous

15. اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

16. مخصوص ماڻهو سرڪاري ملازم هوندا

Certain persons to be public servants

17. قانوني ڪارروائين تي پابندي

Bar to legal proceedings

18. ڏنڊ ۽ طريقيڪار

Penalties and procedure

19. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

20. ڇوٽ ڏيڻ جو اختيار

Power to exempt

21. منسوخي ۽ محفوظ ڪرڻ

Repeal and saving

22. منسوخي

Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2012

SINDH ACT NO.IV OF 2012

سنڌ موشن پڪچرز ايڪٽ، 2011

THE SINDH MOTION PICTURES ACT, 2011

[14 فيبروري 2012]

ايڪٽ جنهن ذريعي سينيماٽوگراف جي مقصد لاءِ فلمن جي سينسرشپ ۽ نمائش لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سينيماٽوگراف جي مقصد لاءِ فلمن جي سينسرشپ ۽ نمائش لاءِ ۽ ان سان لاڳاپيل مقصدن لاءِ ضابطا جوڙڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، عملدرآمد ۽ شروعات
Short title, application and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ موشن پڪچرز ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.

(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

باب_I
شروعاتي
Chapter_I

باب_I
شروعاتي
Chapter_I
Preliminary

Preliminary

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "بورڊ" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل بورڊ؛

(b) "چيئرمين" بورڊ جي سلسلي ۾، مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(c) "سينيماٽوگراف" جنهن ۾ شامل آهي هلندڙ ڦرندڙ تصويرن يا تصويرن جي سلسلي جي ري پروڊڪشن لاءِ ڪو سامان؛

(d) "فلم" مطلب سنيماٽوگرافڪ فلم يا سينيماٽوگراف ذريعي پروجيڪشن لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻيو سامان؛

(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) "جڳهه" جنهن ۾ شامل آهي گهر، عمارت، خيمو ۽ ٽرانسپورٽ جو ڪو مقصد پوءِ اهو سمنڊ ذريعي هجي، زمين ذريعي هجي يا هوائي رستي؛

(g) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛ ۽

(h) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

باب_II

بورڊ جو قيام

Chapter_II

Establishment of the Board

باب_II
بورڊ جو قيام
Chapter_II
Establishment of the Board

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

3.(1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي عوامي نمائش لاءِ فلمن جي جاچ پڙتال ۽ تصديق جي مقصد لاءِ بورڊ جوڙي سگهي ٿي.

(2)بورڊ چيئرمين ۽ ميمبرز تي مشتمل هوندو، جيڪي پنج کان گهٽ نه هوندا، جيڪي حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(3)چيئرمين ۽ بورڊ جا ميمبر حڪومت جي راضپي سان عهدو رکي سگهندا ۽ اهڙي پگهار ۽ اهڙا الائونسز، جيڪڏهن ڪي هجن، حاصل

ڪندا، جيئن حڪومت طئي ڪري.

غير تصديق ٿيل فلمن جي نمائش ڪئي ويندي

Uncertified films to be exhibited

4.(1) ڪو بہ شخص سينيماٽوگراف جي مقصد لاءِ فلم جي پبلڪ يا پرائيويٽ نمائش نہ ڪندو يا انتظام نہ ڪندو جيستائين بورڊ طرفان پبلڪ نمائش لاءِ فلم مڪمل طور تي سرٽيفائيڊ نہ هجي: بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ ان نمائش تي لاڳو نہ سمجهيو ويندو، جيڪا فلم جي ڪنهن شخص جي رهائشي احاطي ۾ ڪئي وڃي، جيڪا رڳو اهڙي ماڻهو يا سندس ڪٽنب جي ڪنهن رڪن جي زندگيءَ جا موقعا رڪارڊ ڪري.

(2) ڪو ماڻهو جيڪو ڪا فلم عوامي نمائش لاءِ سرٽيفڪيشن لاءِ پيش ڪرڻ جو خواهشمند هجي، اهو بيان ڪيل طريقي موجب ان سلسلي ۾ ان جي رڪارڊنگ، پرنٽ يا اهڙو ملندڙ جلندڙ مواد جيئن بورڊ طئي ڪري ان سان گڏ بورڊ کي درخواست ڪندو، بشمول تقرير جي سائونڊ ٽريڪس، گانن، موسيقي ۽ افيڪٽ جي، ۽ بورڊ فلم جي معائني کانپوءِ، بيان ڪيل طريقي موجب:

(a) فلم جي اڻ منع ٿيل عوامي نمائش جي منظوري ڏيندو؛ يا

(b) فلم جي اهڙي محدود عوامي نمائش لاءِ منظوري ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛ يا

(c) درخواست گذار کي فلم ۾ اهڙي گهٽ وڌائي ڪرڻ جي هدايت ڪندو جيئن بورڊ فلم جي منظوري کان اڳ اڻ منع ٿيل يا محدود عوامي نمائش لاءِ ضروري سمجهي؛ يا

(d) فلم جي عوامي نمائش جي منظوري کان انڪار ڪندو.

(3) جتي بورڊ فلم جي ڪنهن حصي جي ڪٽوتي جي هدايت ڪري، بورڊ اپيل جي رد ٿيڻ بعد، جيڪڏهن ڪا هجي يا حڪم جي ٿيهن ڏينهن جي ختم ٿيڻ بعد، جيڪڏهن ڪا اپيل ناهي، آواز ۽ تصوير جون سموريون پرنٽس ۽ ڪٽوتي ڪيل حصن جون ظاهر ڪيل

اوريجنل نيگيٽوز تباهه ڪندو يا تباهه ڪرڻ جو سبب بڻجندو.

فلمن جي تصديق
Certification of films

5.(1)جيڪڏهن فلم جو معائنو ونڊ ڪانپوءِ يا معائنو وٺي ڇڏڻ ڪانپوءِ، بورڊ سمجهي ٿو ته فلم اڃ منع ٿيل عوامي نمائش لاءِ موزون آهي يا اهڙي نمائش لاءِ موزون نه آهي، اها محدود عوامي نمائش لاءِ موزون آهي، اهو فلم جي سرٽيفڪيشن لاءِ اپلاءِ ڪندڙ شخص کي فلم جي مخصوص ڪيٽيگري لاءِ سرٽيفڪيٽ جاري ڪندو ۽ سمورن معاملن ۾ فلم کي بيان ڪيل طريقي موجب مارڪ ڪندو.

(2)سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جو حڪم، يا سرٽيفڪيٽ ملتوي ڪرڻ جو حڪم، يا سرٽيفاءِ ٿيل فلم کي ڏي سرٽيفاءِ ڪرڻ جو حڪم سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪيو ويندو.

(3)هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن موجب، هن دفعه تحت جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ اهڙي جڳهه ۽ اهڙي عرصي لاءِ ڪارگر هوندو، جيئن بورڊ ان سلسلي ۾ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي بيان ڪري.

فلمن جي تصديق لاءِ رهنمائي جا اصول
Principles of guidance in certifying films

6.(1) فلم عوامي نمائش لاءِ سرٽيفاءِ نه ڪئي ويندي، جيڪڏهن بورڊ جي خيال ۾ فلم يا ان جو ڪو حصو اسلام جي وقار جي خلاف آهي يا پاڪستان جي سالميت، سلامتي يا دفاع يا ان جي ڪنهن حصي جي خلاف آهي، پرڏيهي رياستن سان دوستانا تعلقات جي خلاف آهي، پبلڪ آرڊر، شائستگي يا اخلاقيات جي خلاف آهي يا ان ۾ ڏوهه ڪرڻ يا ڏوهه لاءِ اتساهڻ جو مواد شامل آهي.

(2)ذيلي دفعه (1) جي گنجائشن موجب، هن ايڪٽ تحت بورڊ جي اختيارن جي استعمال ۾ رهنمائي لاءِ حڪومت سينسرشپ ڪوڊ ۽ اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

اپيلون
Appeals

7.(1)فلم جي سلسلي ۾ سرٽيفڪيٽ لاءِ اپلاءِ ڪندڙ ڪو شخص جيڪو بورڊ جي ڪنهن حڪم سان متاثر ٿيو هجي:

(a)سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ؛ يا

(b)فقط محدود سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ؛ يا

(c)درخواست گذار کي ڪي ڪتوتيون ڪرڻ لاءِ هدايت ڪرڻ:

اهڙي حڪم جي تاريخ کان ٽيهن ڏينهن اندر حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو ۽ اپيل بيان ڪيل طريقي موجب نيڪال ڪئي ويندي ۽ حڪومت جو حڪم حتمي هوندو:

بشرطيڪ هن دفعہ تحت حڪم جاري ڪرڻ کان اڳ درخواست گذار کي ٻڌڻ جو هڪ موقعو فراهم ڪيو ويندو.

کجھ ڪيسن ۾ فلمن جي نمائش ملتوي ڪرڻ جو اختيار

Power to suspend exhibition of films in certain cases

8.(1) بورڊ جيڪڏهن ان وٽ ڪو سبب آهي تہ جنهن فلم جي سلسلي ۾ دفعہ 5 تحت سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو آهي ان جي جن شرطن تحت اها سرٽيفاءِ ڪئي وئي آهي انهن جي پيڇڙي ڪندي نمائش ڪئي وئي آهي يا ڪئي پئي وڃي، حڪم ذريعي اهڙي عرصي لاءِ فلم جي نمائش ملتوي ڪري سگهي ٿو، جيئن حڪم ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2)هڪ عملدار جيڪو گريڊ 19 جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو، حڪومت طرفان نامزد ڪيو ويندو، سموري يا ان جي ضلعي جي ڪنهن حصي لاءِ، جيڪڏهن اهو ان خيال جو آهي تہ فلم جي عوامي نمائش امن امان ۾ خلل جو سبب بڻجي رهي آهي تہ حڪم ذريعي فلم جي نمائش اهڙي عرصي لاءِ ملتوي ڪري سگهي ٿو، جيڪو هڪ مهيني کان وڌيڪ نہ هوندو جيئن حڪم ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(3)جڏهن ڪنهن فلم جي سلسلي ۾ ذيلي دفعہ (1) يا ذيلي دفعہ (2) تحت حڪم لاڳو آهي، اهڙي فلم حڪم ۾ ڄاڻايل علاقي جي سلسلي ۾ اڻ تصديق ٿيل فلم سمجهي ويندي.

(4)فلم جي نمائش جي جاچ پڙتال جي مقصد لاءِ ۽ اهڙي نمائش جي سلسلي ۾ هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر نموني لاڳو ڪرڻ لاءِ،

بورڊ لکت ۾ حڪم ذريعي اهڙن ماڻهن کي بااختيار بڻائي سگهي ٿو. جيئن اهو مناسب سمجهي، اهڙي علائقي لاءِ جيئن حڪم ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(5)جتي هڪ فلم جنهن جي سلسلي ۾ هن ايڪٽ تحت ڪو سرٽيفڪيٽ جاري ناهي ڪيو ويو. ان جي نمائش ڪئي وئي آهي يا فلم محدود عوامي نمائش سرٽيفاءِ ڪئي وئي آهي، جنهن جي ۾ صورت ۾ نمائش ڪئي وئي آهي، جيئن سرٽيفاءِ ٿيل آهي، يا فلم هن ايڪٽ جي ڪن گنجائشن جي پيڇڪاڙي ڪندي نمائش ڪئي وئي آهي، لاڳاپيل پوليس استيشن جو استيشن هائوس آفيسر بورڊ طرفان يا ان سلسلي ۾ ان طرفان بااختيار بڻايل شخص جي لکت رپورٽ تي يا عملدار جي حڪمن تي جيڪو 19 گريڊ کان گهٽ نه هجي، جيڪو حڪومت طرفان نامزد ڪيو ويو هجي، فلم جي نمائش لاءِ لائسنس ٿيل جڳهه ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. جنهن ۾ اعتبار ڪرڻ جو سبب هجي ته فلم جي نمائش ڪئي وئي آهي يا نمائش ڪئي پئي وڃي، ان جي تلاشي وٺي سگهي ٿو ۽ فلم ۽ پروجيڪشن سامان کي ضبط ڪري سگهي ٿو.

(6)ذيلي دفعه (1) يا ذيلي دفعه (2) تحت حڪم جو نقل ان سلسلي ۾ سببن سميت بيان سان گڏ حڪومت ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ حڪومت يا ته حڪم ڏيندي يا سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هدايت ڪندي ته اهڙي علائقي جي سلسلي ۾ فلم اڻ تصديق ٿيل سمجهي ويندي، جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

حڪومت جا نظرثاني جا اختيار

Revisional powers of

9.(1) جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، حڪومت ڪنهن به موقعي تي ڪنهن فلم جي سلسلي ۾ ڪنهن ڪارروائيءَ جو رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿي، جيڪو بورڊ وٽ التويٰ هيٺ هجي يا بورڊ طرفان فيصلو ڪيو ويو هجي يا حڪومت طرفان نامزد ڪيل

Government

عملدار وٽ جيڪو 19 گريڊ جي عهدي کان گهٽ نه هجي، ۽ معاملي ۾ اهڙي جاچ کانپوءِ جيئن اها ضروري سمجهي، ان ماڻهو کي نوٽيس کانسواءِ جنهن فلم جي سرٽيفڪيشن لاءِ اپلاءِ ڪيو هجي يا جنهن کي فلم جي سلسلي ۾ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو هجي يا ڊسٽريبيوٽر يا اهڙي فلم جو نمائش ڪندڙ، ان سلسلي ۾ اهڙو حڪم ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(2)ذيلي دفعہ (1) تحت سونپيل اختيارن سان تضاد کانسواءِ، حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هدايت ڪري سگهي ٿي ته:

(a)هڪ فلم يا فلمن جو درجو جن جي سلسلي ۾ هن ايڪٽ تحت يا سينسرشپ آف فلمز ايڪٽ، 1963 ۽ موشن پڪچرز آرڊيننس، 1979 تحت سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو هجي، سڄي صوبي ۾ اڃ تصديق ٿيل فلم يا فلمن جو درجو سمجهيو ويندو:

بشرطيڪ اهڙو ڪو بہ حڪم حڪومت طرفان نہ ڪيو ويندو، جيستائين اها مطمئن آهي تہ اسلام جي وقار جي مفاد ۾ يا پاڪستان جي سالميت، سلامتي ۽ دفاع يا ان جي ڪنهن حصي، پرڏيهي رياستن سان دوستاڻن لاڳاپن پبلڪ آرڊر، شائستگي يا اخلاقيات، يا ڪو ڏوهہ ڪرڻ يا ڏوهہ لاءِ پڙڪائڻ کان روڪڻ لاءِ ضروري آهي؛ يا

(b)هڪ فلم جنهن کي دفعہ 5 تحت اڃ منع ٿيل عوامي نمائش لاءِ منظوري ڏني وئي هجي يا جنهن کي سينسرشپ آف فلمز ايڪٽ، 1963 تحت "U" سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو هجي، اها فلم سمجهي ويندي جنهن کي محدود سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو هجي.

تصديق ٿيل فلمن جي سلسلي ۾ ڊسٽريبيوٽرز

10. ڪو شخص جيڪو ڪنهن ڊسٽريبيوٽر يا نمائش ڪندڙ کي ڪا سرٽيفائيڊ فلم پهچائي ٿو، اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي،

ڊسٽريبيوٽر يا نمائش ڪندڙ کي ڇاڻائيندو، جيئن معاملو هجي، فلم جو عنوان ۽ ڊيگهه، نمبر ۽ ان سلسلي ۾ جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ جو قسم ۽ شرط، جيڪڏهن کي هجن، جن تحت اهو جاري ڪيو ويو آهي ۽ اهڙا ٻيا تفصيل جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

۽ نمائش ڪندڙن کي معلومات ۽ دستاويز ڏنا ويندا

Information and documents to be given to distributors and exhibitors with respect to certified films

11.هن ايڪٽ تحت مليل اختيارن مان کي به استعمال ڪرڻ جي مقصد لاءِ، حڪومت يا بورڊ کا به فلم پنهنجي سامهون نمائش ڪرڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو يا ڪنهن شخص جي سامهون جنهن جي لاءِ ان سلسلي ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

فلمن جي جاچ پڙتال لاءِ سڏيءَ ريت نمائش جا اختيار

Powers to direct exhibition of films for examination

12.بورڊ جو ڪو به قدم يا ڪارروائي بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص سبب غير موثر نه سمجهي ويندي.

آسامیون وغیره، ڪارروائين کي غير موثر نه ڪندیون

Vacancies etc.,

not to invalidate proceedings

باب _III
سينيماٽوگراف جي مقصد لاءِ نمائش جو ضابطو
Chapter_III
Regulation of exhibition by means to cinematograph

باب _III
سينيماٽوگراف جي مقصد لاءِ نمائش جو ضابطو
Chapter_III
Regulation of exhibition by means to cinematograph

فلمن جي نمائش لاءِ جڳهن کي لائسنس ڏيڻ
Licensing of places for exhibition of films

13.(1) جيستائين ڪجهه هن باب ۾ فراهم ڪيل نه هجي، تيستائين ڪو به شخص هن ايڪٽ تحت لائسنس ٽيل جڳهه ڪانسواءِ ٻئي هنڌ يا ٻي صورت ۾ اهڙي لائسنس ذريعي مڙهيل ڪن شرطن ۽ پابندين جي خلاف سينيماٽوگراف جي مقصد لاءِ عوامي نمائش نه ڪندو.

(2)هن ايڪٽ تحت لائسنس جاري ڪندڙ جو اختيار رکندڙ اٿارٽي، هن ڪانپوءِ لائسنسنگ اٿارٽي هوندي، جيڪا حڪومت هوندي:

بشرطيڪ حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي سڃي يا صوبي جي ڪنهن حصي لاءِ اهڙي ٻي ڪا اٿارٽي ڄاڻائي سگهي ٿي، جيئن اها نوٽيفڪيشن ۾ هن باب جي مقصدن لاءِ لائسنسنگ اٿارٽي طور ڄاڻائي.

(3)لائسنسنگ اٿارٽي هن باب تحت ڪنهن به جڳهه جي سلسلي ۾ لائسنس جاري نه ڪندي، جيستائين اها مطمئن هجي ته:

(a)هن باب تحت جوڙيل قاعدن تي عمل ڪيو ويو آهي؛ ۽

(b)جنهن جڳهه جي سلسلي ۾ لائسنس جاري ڪيو ويو آهي، ان لاءِ نمائش ڏسڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن جي تحفظ ۽ صحت لاءِ جوڳا انتظام ڪيا ويا آهن.

(4)هن دفعه جي مٿي ڄاڻايل گنجائشن موجب، لائسنسنگ اٿارٽي هن باب تحت اهڙي درخواست گذار کي لائسنس جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب ۽ اهڙين پابندين سان جيئن اها طئي ڪري، بشمول فلم جي نمائش لاءِ ماڻهن جي داخلا لاءِ وڌ ۾ وڌ چارجز جي، ان جڳهه جي سلسلي ۾، جنهن لاءِ اهڙو لائسنس جاري ڪيو ويو آهي.

(5)جتي ذيلي دفعه (2) جي شرطيه بيان تحت حڪومت طرفان بيان ڪيل لائسنسنگ اٿارٽي هڪ کان وڌيڪ ماڻهن تي مشتمل هجي، لائسنسنگ اٿارٽي جو ڪو به فيصلو ڄاڻايل اٿارٽي ۾ آسامي جي موجودگي يا ان جي جوڙجڪ ۾ نقص سبب غير موثر نه هوندو.

14.حڪومت وقت بوقت ڪنهن ماڻهو کي جنهن کي هن باب تحت لائسنس جاري ڪيو ويو هوندو، ڪنهن فلم يا فلمن جي درجي جي نمائش جي مقصد لاءِ کي هدايتون ڪري سگهي ٿي ته جيئن سائنسي فلمون، تعليمي يا ثقافتي مقصدن لاءِ جوڙيل فلمون، خبرن يا موجوده واقعن بابت فلمون، ڊاڪيومينٽري فلمون ۽ مقامي فلمون نمائش جو جوڳو موقعو حاصل ڪري سگهن ۽ اهريون هدايتون اضافي شرط ۽ پابنديون هونديون، جن تحت لائسنس جاري ڪيو ويو هجي.

ڊاڪومينٽريز وغيره جي اسڪريننگ لاءِ هدايتون

Directions as to screening of documentaries, etc

باب_IV

متفرقات

Chapter_IV

باب_IV

متفرقات

Chapter_IV

Miscellaneous

Miscellaneous

اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

15.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ تحت مليل اختيار سمورا يا ڪي به اهڙي اٿارٽي يا شخص کي منتقل ڪري سگهي ٿي، جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

مخصوص ماڻهو سرڪاري ملازم هوندا

Certain persons to be public servants

16.چيئرمين، ميمبرز ۽ بورڊ جا ملازم ۽ ماڻهو جيڪي دفعه 8 جي ذيلي دفعه (4) تحت بااختيار بڻايل هجن، جڏهن هن ايڪٽ جي ڪن گنجائشن موجب ڪم ڪري رهيا هجن يا ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجن، اهي پاڪستان پينل ڪوڊ (1860 جي ايڪٽ XLV) جي دفعه 21 جي مقصد لاءِ پبلڪ سرونٽس سمجهيا ويندا.

قانوني ڪارروائين تي پابندي

Bar to legal proceedings

17.(1) ڪو به ڪيس يا قانوني ڪارروائي حڪومت، بورڊ يا ڪنهن عملدار يا ميمبر خلاف نه ٿيندي، جيئن معاملو هجي، جيڪڏهن انهن هن ايڪٽ تحت سڀني نيت سان ڪجهه ڪيو هجي يا ڪجهه ڪرڻ جو ارادو ڪيو هجي.

(2) ڪا به عدالت دفعه 8 يا دفعه 9 تحت جاري ڪيل ڪنهن حڪم جي سلسلي ۾ ڪو منع ناموا يا ڪو عبوري حڪم جاري نه ڪندي.

ڏنڊ ۽ طريقيڪار

Penalties and procedure

18.(1) جيڪو به:

(a) نمائش ڪري ٿو يا سبب بڻجي ٿو يا ڪنهن جڳهه ۾ نمائش ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو يا نمائش ڪرائي ٿو ڪنهن فلم جي جيڪا بورڊ طرفان سرٽيفائيڊ ناهي، جيڪا جڏهن نمائش ڪئي وڃي، نمائش دوران بيان ڪيل نشان نه ڏيکاري يا تبديل ڪيو وڃي يا جڏهن اهڙو نشان لڳايو ويو هجي ان سان چيڙ ڇاڙ ڪئي وڃي؛ يا

(b) بنا قانوني اختياري جي، تبديل ڪري ٿو، يا چيڙ ڇاڙ ڪري ٿو، ڪنهن به طريقي، ڪنهن فلم ۾ ان جي سرٽيفائيڊ ٿي وڃڻ کانپوءِ؛ يا

(c)دفعہ 5 جي گنجائشن تي يا هن ايڪٽ تحت جاري ڪيل ڪنهن حڪم تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو:

اهو قيد جي سزا لائق هوندو جيڪا ٽن سال تائين وڌي سگهي ٿي، يا ڏنڊ جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ، ۽ ڏوهه جاري رکڻ جي صورت ۾ ڏنڊ جيڪو ڏهه هزار رپيا روزانو تائين وڌي سگهي ٿو جيڪو ڏوهه جاري رهڻ تائين رهندو.

(2)جيڪڏهن مالڪ يا سينيماٽوگراف جو انچارج شخص ڪنهن جڳهه تي استعمال ڪري ٿو يا هن ايڪٽ جي گنجائشن يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن، يا شرطن ۽ پابندين يا مضمون جنهن تي هن ايڪٽ تحت لائسنس جاري ڪيو ويو هجي، ان جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو، تہ اهو قيد جي سزا لائق هوندو جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ لک رپين تائين وڌي سگهي ٿو، يا ٻئي گڏ، ۽ ڏوهه جاري رکڻ جي صورت ۾ ڏنڊ جيڪو ڏهه هزار رپيا روزانو تائين وڌي سگهي ٿو جيڪو ڏوهه جاري رهڻ تائين رهندو.

(3)جيڪڏهن ڪنهن شخص تي ڪنهن فلم جي سلسلي ۾ ذيلي دفعہ (1) يا ذيلي دفعہ (2) تحت سزا لائق ڏوهه جي الزام هيٺ آيو هجي، عدالت وڌيڪ هدايت ڪري سگهي ٿي تہ نمائش لاءِ استعمال ڪيل فلم ۽ سينيماٽوگراف بورڊ کي ضبط ڪيو وڃي.

(4)جيڪو به هن ايڪٽ تحت لائسنس ٿيل جڳهه ۾ فلم جي نمائش لاءِ ڪنهن شخص جي داخلا لاءِ دفعہ 13 جي ذيلي دفعہ (4) تحت مقرر ڪيل رقم کان وڌيڪ رقم وصول ڪري ٿو يا اهڙيءَ ريت مقرر ڪيل وڌ ۾ وڌ رقم کان وڌيڪ تي اهڙيءَ داخلا لاءِ ڪنهن شخص کي ٽڪيٽ وڪرو ڪري ٿو، ان کي ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل سزا ڏني ويندي.

(5)جتي ڪو شخص هن دفعہ تحت ڪنهن ڏوهه جي الزام هيٺ آيو

هجي اهو دفعہ 13 تحت جاري ڪيل لائسنس جو رکندڙ هجي، لائسنسنگ اٿارٽي لائسنس منسوخ ڪري سگهي ٿي.

(6)جيستائين ڪجهہ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (1898 جي V) متضاد نہ هجي، ڪا عدالت هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهہ جو ازالو نہ ڪندي جيستائين بورڊ يا لائسنسنگ اٿارٽي يا انهن مان ڪنهن طرفان بااختيار ٻڌايل ماڻهن طرفان لکت ۾ شڪايت نہ ڪئي وڃي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

19.(1)حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا قاعدا هيٺين سمورن معاملن يا ڪن بہ معاملن لاءِ فراهم ڪن ٿا، جهڙوڪ:

(a)طريقو جنهن تحت بورڊ پنهنجا اختيار استعمال ڪندو، جنهن ۾ شامل آهي مختلف جڳهن تي مرڪزن جو قيام ۽ بورڊ جا ڪي بہ اختيار حڪومت طرفان ان سلسلي ۾ نامزد ڪيل ڪنهن ميمبر کي منتقل ڪرڻ؛

(b)بورڊ جو طريقيڪار ۽ ان سان لاڳاپيل سمورا معاملا ۽ فيس جيڪا ان طرفان اوڳاڙي ويندي؛

(c)شرط جن تحت ڪو سرٽيفڪيٽ باب II تحت جاري ڪيو ويندو ۽ حالتون جن تحت اهڙي سرٽيفڪيٽ کان انڪار ڪيو ويندو؛

(d)طريقو جنهن تحت دفعہ 7 تحت اپيلون ڪيون ويندیون، ٻڌيون ويندیون ۽ نيڪال ڪيون ويندیون؛

(e)شرط، ضابطا ۽ پابنديون، جيڪڏهن ڪي هجن، جن تحت باب III تحت لائسنس جاري ڪيو ويندو؛ ۽

(f)ٻيو ڪو معاملو جيڪو بيان ڪيو وڃڻو هجي يا بيان ڪري

سگھجي ٿو.

چوٽ ڏيڻ جو اختيار
Power to exempt

20.حڪومت لکت حڪم ذريعي اهڙن شرطن ۽ پابندين تحت، جيئن اها مڙهي، ڪنهن فلم يا فلمن جي درجي يا سينيماٽوگراف نمائش، يا سينيماٽوگراف نمائشن جي درجي کي سمورين يا هن ايڪٽ جي ڪن بہ گنجائشن يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن کان چوٽ ڏئي سگھي ٿي.

منسوخي ۽ محفوظ ڪرڻ
Repeal and saving

21.(1)سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ موشن پڪچرز آرڊيننس، 1979 جون گنجائشون منسوخ ڪيون وڃن ٿيون.

(2)موشن پڪچرز آرڊيننس، 1979 جي منسوخي تائين ان تحت منظور ڪيل سمورا حڪم، ڪنيل قدم، جاري ڪيل نوٽيفڪيشنز ۽ ڪارروايون، لاڳو رهندا جيستائين مجاز اختياري طرفان تبديل ڪيل، ترميم يا يا ختم ڪيا وڃن.

منسوخي
Repeal

22.سنڌ موشن پڪچرز آرڊيننس، 2011 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.